

كلام

شاهہ نصير

مرتب

ڊاڪٽر نواز علي شوق

شاهہ نصير الدين ادبي ۽ ثقافتي ڪاميٽي

نوشهروفيروز

سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب جو نالو	:	ڪلام شاھ نصير
مرتب	:	ڊاڪٽر نواز علي شوق
ڇاپو پهريون	:	اپريل 2004
تعداد	:	هڪ هزار
ڪمپوزنگ	:	ونسم ڪمپوزرس، E-22، سچل ڳوٺ ڪراچي
ڇپائيندڙ	:	پير منيرالدين ۽ سيد طارق علي شاھ

اصلاحي سلسلي جي سهڪار سان

KALAM SHAH NASEER

Compiled By: Dr. Nawaz Ali Shouq
Published By: Pir Munirudin & S. Tariq Ali Shah

RS. 150 Only

انتساب

درويش صفت دوست

پياري سائين محسن علي شاھ جي نالي

ڀلائي آهين، پرين ڀلائيءَ پاڻهنجي
سياجها سر چڙهيو، ڏوراپو نه ڏين
مان ڏي مديون ٿين، سڄڻ سڀاڻين ۾

(شاھ)

نواز علي شوق

ٻه اکر

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته ڪافي سنڌي زبان جي مقبول صنف آهي. سنڌ ۾ ڪافي گو شاعرن جو وڏو انگ نظر ايندو. جيئن ته ڪافيءَ ۾ موسيقيءَ سان گڏ پنهنجو ماحول هوندو آهي، تنهنڪري اها دل تي اثر ڪري ٿي.

مون ننڍي لاکون شاهه لطيف، سچل سرمست، رکيل شاهه، بيدل، بيڪس بيدل، فقير، خوش خير محمد، مفتون همايوني، عثمان سانگي، شاهه نصير، فقير هدايت علي نجفي تارڪ، روحل فقير، دريا خان مير علي نواز علوي، غمدل فقير ۽ ٻين صوفي شاعرن جون ڪافيون مختلف ڳائڻن کان ٻڌيون. انهن صوفي شاعرن جي ڪلام مون تي تمام گهرو اثر ڪيو. ايم اي ڪرڻ کانپوءِ مون صوفي شاعرن جو ڪلام، شاعريءَ جا بياض ۽ ان قسم جو قلمي مواد ڪٺو ڪرڻ شروع ڪيو.

فقير هدايت علي نجفي تارڪ جي سنڌي ڪلام تي Ph.D ڪرڻ کان پوءِ، صوفي شاعرن جي ڪلام جو مطالعو ڪندو رهيس. سالن جا سال مطالعو ڪرڻ کانپوءِ انهن جي ڪلام ۽ پيغام تي ڪتاب تيار ڪرڻ شروع ڪيم. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح تي چار ڪتاب تيار ڪيا اٿم. جي ڇپائي جا منتظر آهن. حضرت سچل سرمست تي پنج ڪتاب مختلف ادارن پاران ڇپجي چڪا آهن. ديوان تارڪ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپجي چڪو آهي. مير علي نواز علوي جو ڪلام پڻ ڇپجي چڪو آهي.

فقير عثمان سانگي، شاهه نصير، صوفي دلپت تي ڪتاب تيار ڪري ڪمپوز ڪرائي، ڪاپيون پيسٽ ڪرائي ڇڏيم. مون کي اميد هئي ته اهي ڪتاب هڪ نه هڪ ڏينهن ضرور ڇپبا. خاص طور عثمان سانگي ۽ شاهه نصير جي ڪلام ڇپجڻ جو يقين هو. واقعي ٿيو به ائين. ڪجهه ڏينهن اڳ پير منيرالدين ۽ سيد طارق علي شاهه قرب ڪري مون وٽ آيا ۽ هنن شاهه نصير جي ڪلام جي گهر ڪئي ۽ چيائون ته "اسان اهو ڪلام هن ئي مهيني ڇپرائي پڌرو ڪنداسون ۽ ميلي جي موقعي تي ان ڪتاب جي پڌرائي ڪئي ويندي." اهو ٻڌي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ مون پيسٽ ٿيل ڪاپيون سندن حوالي ڪيون.

مونکي تمام گھڻي خوشي آهي جو هيءُ ڪتاب سهڻي نموني ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. ان لاءِ مان پير منيرالدين ۽ سيد طارق علي شاھ جو ٿورائتو آهيان.

عثمان سانگي جو ڪلام محترم ساگر ابڙو ۽ سندس سائي ڇپرائڻ گھرڻ ٿا. جلد ئي ان ڪتاب جون پيسٽ ٿيل ڪاپيون سندن حوالي ڪيون وينديون. انشاءَ الله عثمان سانگيءَ جو ڪلام به جلد ئي ڇپجي ويندو.

حقيقت ۾ شاھ نصير پنهنجي دؤر جو سنڌي ۽ سرائڪي جو تمام وڏو شاعر هو. هن سنڌي ۽ سرائڪي کانسواءِ اردو ۽ فارسي ۾ پڻ ڪلام چيو آهي. جيئن ته اهو ڪلام هٿ نه اچي سگھيو تنهنڪري هن ڪتاب ۾ شامل ٿي نه سگھيو آهي. اسان جي اها ڪوشش رهندي ته. شاه نصير جو اردو ۽ فارسي ڪلام هٿ ڪري ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ شامل ڪريون.

هيءُ ڪلام گڏ ڪرڻ ۾ محترم بشير احمد هيسباڻي گھڻي مدد ڪئي جنهن لاءِ مان سندن تمام گھڻو ٿورائتو آهيان.

ڊاڪٽر نواز علي شوق

مقدمو

سنڌ صدين کان صوفي سونهارن جي سر زمين رهي آهي.
مختلف شهرن، وستين ۽ واهڻن ۾ صوفين جون درگاهون آهن، جتي پرت جا پانڌيئڙا، اچي فيض حاصل ڪن ٿا. اهڙي هڪ درگاهه صوفي عبدالحي نقشبندي جي نوشهري ۾ آهي. هو هڪ وڏو عالم ۽ عارف هو ۽ جهوڪ ميران پور جي صوفي بزرگ فضل الله قلندر (١) جو دوست هو. سندن وفات کان پوءِ سندن فرزند شاهه نصير گادي نشين ٿيو.

شاهه نصير جي ولادت سن ١٢٢٣هه ۾ نوشهري شهر ۾ ٿي. هڪ روايت آهي ته سندن والد صوفي بزرگ سائين عبدالحي کي خواب ۾ حضرت قلندر لعل شهباز رح هڪ فرزند جي ڄمڻ جي خوشخبري ٻڌائي هئي ۽ اهو پڻ فرمايو هئائون ته ان جي ساڄي ٻانهن جي هيٺان هڪ مُهر لڳل هوندي. واقعي اهو خواب سورهن آنا سچو ثابت ٿيو ۽ ٻارڙي کي قلندري مُهر جو نشان هو، جيڪو ڄمڻ کان مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيو.

پير نول گهوٽ عارف عبدالحي جي هڪ گادي نشين جي چوڻ موجب سندن نسبي تعلق حضور جن جي مشهور صحابي حضرت جابر انصاري رضه سان آهي. سندن وڏا عرب کان هجرت ڪري پهريائين اچي افغانستان جي هڪ شهر احرار ۾ رهيا. جتان ڪان سندن هڪ بزرگ حاجي محمد عثمان اچي نوشهري فيروز ۾ رهيو. سندن هڪ بزرگ حضرت شهاب الدين سير ٿني يمن ۾ مدفون آهي.

شاهه نصير جي والد سائين عبدالحي بن حافظ حاجي عطا محمد کي "درگاهه وارو سائين" سڏيو ويندو هو.

شاهه نصير ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگ سائين عبدالحي کان حاصل ڪئي، ان کانپوءِ وڌيڪ تعليم مولوي محمد قاسم ۽ قاضي غلام محمد کان حاصل ڪيائون. مگر روحاني فيض پنهنجي والد کان حاصل ڪيائون جنهن جو ذڪر هن هڪ هنڌ هن ريت ڪيو

آهي. فرمايو اٿن.

شـــــ ۽ نقشبندان تـون سـرِ الاهـي
تنهنجـي اهـه قـانمِ، سـدا بادشـاهي
تـون صاحب ڪرامـت ۽ شمـس الولايـت
تنهنجـو هـر طـرف ۾ فقـر بـي نهـايت
تنهنجـو شش جهت ۾ وڄـي طبـل شـاهي
تنهنجي خاڪ قدمن جي آهي تاج سر جو
تفـاوت تنهيـن ۾ نـاهي ڪـو تـر جـو
سـپاهين جـو آهـي نصيـرا سـپاهي

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ گهڻو وقت رياضت ۾ گذاريندا هئا. راڳ ويراڳ سان ڪين ننڍپڻ کان ئي دلچسپي هئي. سندن درگاهه تي سدائين سماع جون محفلون منعقد ٿينديون هيون. خاص طور فقير خوش خير محمد هيسباڻي (٢) ۽ فقير عثمان سانگي (٣) هن درگاهه جا عقيدت مند مريد هئا. سندن والد سائين عبدالحي، عثمان سانگيءَ کي شاهه نصير جي تربيت لاءِ مقرر ڪيو هو، تنهن ڪري عثمان سانگي گهڻو وقت درگاهه تي گذاريو.

شاهه نصير پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو سير سفر ۾ گذاريو، افغانستان جو سير ڪيائين ۽ هندوستان به ويو. سندن عقيدت مند سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ رهن ٿا. خاص طور خيرپور، نوشهري ۽ نوابشاهه ۾ سندن گهڻائي عقيدت مند هوندا هئا. جن مان دولهه دريا خان ڪلهوڙو، ۽ ان جو ڀاءُ نشان علي فقير، فقير حاجن شاهه، فقير عالم شاهه، فقير عين علي شاهه، موهن فقير، فقير حشمت راءِ، فقير هري سنگهه ۽ خوشيرام سوداڻي، مشهور آهن. فقير دريا خان، نشان علي فقير ۽ موهن فقير ۽ هري سنگهه ۽ خوشيرام سوداڻي سنڌي زبان جا سهڻا شاعر هئا. پر انهن مان ڪنهن به هڪ جو ڪلام اڄ ڏينهن تائين شايع ڪونه ٿي سگهيو آهي.

شاهه نصير جي وفات سنه ١٩٠٠ع ۾ ٿي، سندن آخري آرام گاهه نوشهري ۾ آهي، جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. هزارين عقيدت مند اچي دلي سرور ۽ سڪون حاصل ڪندا آهن.

سنڌي بيت ۽ ڪافيون صدين کان سنڌ ۾ مشهور آهن. ڪافي جي ٻيٽ ۾ غزل جا حيثيت ڪونہ ٿو رکي. ان جو وڏو سبب اهو آهي تہ ڪافي اسان جي پنهنجي آهي. جڏهن تہ غزل پرانو ۽ پرڏيهي آهي. غزل ايران ۽ هندوستان کان ڦرندو اچي هتي پهتو. حڪمران طبقي ۽ ڪن ٻين ٿورن ماڻهن ان کي پسند ڪيو، پر ٻهراڙيءَ جو عام ماڻهو ايراني ماحول سان مانوس نہ ٿي سگهيو. نرگس، نسترن ۽ لالہ جي عام ماڻهوءَ کي ڪهڙي خبر. ساڳيءَ ريت دلِ نادان، زلف پيچان، ساقي ۽ ميخانا، سڀ هنن لاءِ نوان هئا. ايراني تشبيهون ترڪيبون ۽ زير اضافت وارا لفظ هنن لاءِ اوپرا، اٿاوا ۽ ڳرا هئا. الو ميان! چئي سنڌي بيت ۽ ڪافي آلاپڻ واري مسڪين ماڻهوءَ جي انهن سان ڪهڙي دلچسپي ٿي سگهي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ اوطاقن ۽ اوتارن، درگاهن ۽ خانقاهن تي غزل بجاءِ سهڻي شاهہ لطيف، سچل سائين، بيدل، بيڪس، رڪيل، ٻيڙي فقير، خوش خير محمد، شاهہ نصير، مصري شاهہ، روحل، دريا خان، عثمان ۽ ٻين سون صوفي شاعرن جو ڪلام ٻڌڻ ۾ ايندو، جيڪو روح کي راحت رساني ٿو. ڀڳت بہ ڀڳت جي موقعي تي صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائيندا رهيا. خاص طور ڪنور ڀڳت جو راڳ سڄي سنڌ ۾ مشهور هو. ڪنور انهيءَ راڳ کي عبادت سمجهندو هو. گهڻو ڪري ڪافيون ئي اهڙيون ڳائيندو هو، جن ۾ نِمرتا، نماڻائي، وينتي ۽ مارو ٽڙن سان محبت جو سهڻو سبق سمايل هوندو هو.

- نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو
- ڪيئن ريجهايان توکي، ڪيئن پرچايان
  ڏس ڪو ڏانءُ
- آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ، مون سان تن مارو ٽڙن جي
  مارو ٽڙن جي، سانگيئڙن جي

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح کان وٺي موجوده دور تائين وايون ڪافيون صدين کان سنڌ واسين جي من جي مونجهہ مٽائي، اندر اجاري، سڪ پريت، امن ۽ ايڪتا جا پُر پيالا پياري نينهن جا نشا ڏياري مست و مست ڪنديون رهيون آهن. سچل سائين فرمايو

آهي:

جنهن دل پيتا عشق دا جام
سا دل مست و مست مدام

شاهه نصير ٻه شاهه لطيف ءَ ٻين صوفي بزرگن جو تسلسل آهي. هن ٻه انهن ساڳين صنفن ۾ ڪلام چيو ءَ اهوئي پريت جو پيغام ڏنو. اهوئي سبب آهي جو شاهه نصير جو ڪلام نه فقط سنڌ پر هند ۾ پڻ بيحد مقبول آهي. آل انڊيا ريڊيو تان اڪثر سندن هي ڪافيون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن.

- غمزن ساڻ غلام، ڪيو آ يار اسان کي
- شاهه حسن جي شوق ۾، ويا لاڳاپا لهي لهي

شاهه نصير هندو - مسلم ايڪتا (ٻڌي) جو پرچارڪ هو. اهوئي سبب آهي جو مسلمانن کان سواءِ ڪيترائي هندو سندن مريد هئا. خاص طور لاڙڪاڻي ۾ سندن گهڻا مريد هئا، جتي پاڻ اڪثر ويندا رهندا هئا. عاقل ڳوٺ ضلع لاڙڪاڻي وارو موهن فقير سندن خاص مريد هو، جيڪو سٺو شاعر هو.

پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي صوفيائڻ نڪتن جي سهڻي نموني سمجهائي ڏني اٿن. مثال طور هڪ بيت پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ نفي ءَ اثبات جو ذڪر تمام سهڻي نموني ۾ ڪندي، وحدت واري واديءَ بابت ٻڌائي ٿو.

جان جان ڪرين نفي، تان تان ٿو اثبات ٿئي،
نانهن نصير نگاهه ۾ الف بنا ڪو اِي
جت وحدت سندي وِي، تتي نفي نه اثبات

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جن جڏهن حضرت خواجه محمد زمان لواريءَ واري سان ملڻ ويا ته خواجه صاحب جن ان مهل مراقبي ۾ محو هئا. شاهه صاحب سندن ويجهو وڃي فرمايو:

سامي سفر هليا، ڪو پروڙي پند،
جنين هيئان ڪند، آءُ نه جيئندي ان ري

تنهن تي خواجه صاحب جن ڪنڌ مٿي ڪري فرمايو:

ڪين آهين، ڪين ٿنين، وچي ڪين ڪماءِ
لاڳاپا لوڪ جا "لا" سين لهراءِ
سامي پوءِ سلنداءِ، ڪجهه پريان جي ڳالهه جو.

اهو "ڪين" وارو فلسفو شاهه نصير هن ريت سمجهائي ٿو:

ڪين ڪٺي وچ ڪين ڏي، تون ٻي ٿيءُ ڪي ڪين
ويندڙ وڃڻ وڃائي، رک قلب ۾ ڪي ڪين
ڪين نصير ڪين، ڪين ڪني ڪهڙ ڪين ۾

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح فرمايو آهي:

سر جي تان سوڙ، ساماني تان سک ويا
اهي ٻهڻي پوڙ، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

اهو ساڳيو خيال شاهه نصير پنهنجي هڪ بيت ۾ هن ريت پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ سهڻي خيال سان گڏ تمام سهڻي ٻولي نظر ايندي. فرمائي ٿو:

سور ٿيا تم سامهان، نتڊائي لاڪون
جيڏيون منهنجي من ۾، ڪينون اصل اوطاقون
هيننڙو هل حسن جي، قوڙي ڪيو ڦاڪون
جيئن چوڪ ڏني چاقون، تيئن دل سورن ساڙي وڌي.

پنهنجي شهر نوشهري سان سندس نينهن جا ناتو هو. مٺي محبوب کي منٿون ڪندي چوي ٿو:

هيڪر ويهه اچي، نوشهري ۾ نصير چوي
سچ چوان تو سهڻا، جاتچ ڳالهه سچي
رنگ تنهنجي ۾ رانول ويو روح رچي
تنهنجي ڪڏهن ڪجي، ڪنهن سان ڪندس ڪينڪي.

شاهه نصير پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي رومانوي داستانن کي تمام سهڻي نموني ڳايو آهي. سندن ڪلام تي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. سسئي کي جڏهن ساهيڙيون پنهونءَ جي ڪولا ڪان روڪين ٿيون ۽ گهر ۾ مانڪري ويهي رهڻ جي صلاح ڏين ٿيون، تڏهن سسئي کين چوي ٿي ته اي جيڏيون! مونکي گهر ويهي رهڻ جون صلاحون نه ڏيو، مان پنهونءَ واري رنگ ۾ رتل آهيان، تنهن

ڪري ڪيچ ڏي ڪاهي ويندي، جن جي پنهونءَ سان پريت آهي، تن جو پنيور سان ڪهڙو ڪم:

ساهيڙيون سرتيون، متيون ڏيو نه مُنيءَ کي
ڪاهينديون سي ڪيچ ڏي، جي انهيءَ رنگ رتيون
جي پنهل سان پرتيون، سي ڏينديون باهه پنيور کي.

شاهه نصير شاهه لطيف جي پيروي ڪندي پنهنجي ڪلام ۾ جوڳين ۽ سامين جو ذڪر ڪيو آهي. هو پنهنجي هڪ بيت ۾ ٻڌائي ٿو ته جوڳي ٻڻجڻ سولو نه آهي، ڇو ته سچي جوڳيءَ کي جوڳ ڪمائڻو پوي ٿو ۽ پاڻ کي عشق جي آتش ۾ جلائڻو پوي ٿو. مطلب ته جيڪو ڏک نه ڏسندو ۽ سڏائين سڪن جو طالب رهندو ته اهو جوڳي ڪونه چئبو. فرمائي ٿو:

جوڳي چني، جوڳي نه ٿنين، جوڳ نه ڪمائين
منجهه آتش عشق جي، جان نه جلائين
ڇو سامي سڏائين، نصيرا نروار ٿي.

حضرت شاهه عبداللطيف جيان شاهه نصير جي ڪلام ۾ سر سارنگ ۾ چيل سهڻا بيت نظر اچن ٿا. هو پنهنجي هڪ بيت ۾ مينهن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته، سارنگ سنيار لڏي آهي، ڪڪرن جا ڪڙڪاٽ آهن، مولا مينهن وسايا، ساري سنڌ سرهي آهي. فرمائي ٿو:

موٽي لڏيون ملڪ جون، سارنگ سنيارون،
رعد جي رڙين ڪان، ٽيون طرحين تنوارون،
پرور جي پارون، ساري سنڌ نهال ٿي.

جيئن پٺاڻي سر مارئي ۾ وطن دوستيءَ جو درس ڏنو آهي، تهڙيءَ ريت شاهه نصير پڻ وطن جي حب ۽ سانگيئڙن جي سڪ جو سهڻو سبق ڏنو آهي. پنهنجي هڪ بيت ۾ سانگيئڙن جي سڪ جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو:

سڪ ۾ سانگيئڙن جي، سڙي ويم سرير
دل اندر اڌمان ڏني، نيڻين وهايان نير
وسري مور نه دل تان، ٻنان موت ملير
زهر برابر سومرا، پانيا کنڊون کير.

جيءِ اندر ٿم جهير، ميان مارونڙن جا.

شاهه نصير جي ڪن ڪافين ۾ سچل سر مست وارو رنگ نظر اچي ٿو. سچل سائين جي هڪ مشهور ڪافي آهي:

ڏس عشق جو هي انصاف، سڀ مذهب ڪيائين معاف.

انهيءَ ڪافي کان متاثر ٿي شاهه نصير ساڳئي رنگ ۾ هڪ تمام سهڻي ڪافي چني آهي. هو عشق وارن جي تعريف ڪندي ٻڌائي ٿو ته عاشق اهي آهن، جيڪي سر قربان ڪن ٿا. ٻيا ڪوڙا ٻٽاڪي آهن. سچن عاشقن جا سينا صاف هوندا آهن. فرمائي ٿو:

ڏس عاشقن جو انصاف، ڏين سر گهوري گهوري
عاشق سڀ ڪو نانءُ سڏائي
لُچا هنن ٿا لاف. اڇا پنڌ اوري اوري
باهه برهه ۾ ٻرن ٿا عاشق
ٻاهر نه نڪري ٻاڦ، چيانون نه چپ چوري چوري
شاهه نصير عاشق اهي سڏجن
سينا جن جا صاف، ڏين ڪند ڪوري ڪوري

حسن ۽ عشق جو مضمون شاعريءَ جي سونهن ۽ سينگار سان ڪڏ لازم ملزوم آهي. صوفي شاعرن من مان مير ڪڍي، حرص هوا ڇڏي، سيني مان ڪينو ڪڍي ڇڏيو، تڏهن حضرت عشق اچي سندن دل ۾ ديرو دمايو. اهو ئي سبب آهي جو شاهه نصير فرمايو آهي:

نيڻن ننڊ قضاءِ، جي اٿي آتش عشق جي
ڇڏي حرص هوا سڀ، پير پرت ۾ پاءِ
لنو لالن سان لاءِ، جي اٿي سڌ سڪ جي.

ٻئي هڪ بيت ۾ ڪوڙن ۽ سڌرين کي تنبيهه ڪندي فرمائين ٿا:

رکين سڌ سڪ جي، ٿو سمهين ساري رات
ٿو ۾ آهي ڪا نه ڪا، ٻره سندي بات
مڪر ڪرين ٿو ماڻهن سان، ڪانهني طلب تات
اڪثي متان عشق جي، واتي ڪرين وات
لنو سندي ڪا لات، نه ٿي، "نصيرا" دل ۾

شاهه نصير جي ڪلام ۾ ڪٿي ڀٽائي وارو رنگ آهي تہ ڪٿي وري سچل ۽ بيدل وارو رنگ نظر اچي ٿو. رامڪلي جي ڪنڊيءَ وارن بيتن وانگر شاهه نصير بہ "جي پانين جوڳي ٿيان" جي ڪنڊيءَ وارا بيت چيا آهن. هڪ بيت ۾ قرآن پاڪ جي آيت آڻيندي سهڻيون صلاحون ڏيندي، فرمائي ٿو:

جي پانين جوڳي ٿيان، سڏون سيني سٽ
اينما تولو فثم وجہ الله، اک اديسي پٽ
نينهن ۾ نصير چني، جان جٿو تون قٽ
ڏنهن محبت منهن ۾ مٽ، تہ وايون ٿين وصال جون

شاهه نصير مختلف سُرن ۾ تمام سهڻا بيت چيا آهن، جن ۾ سر سسئي، سر جوڳ، سر سارنگ، سر مارئي ۽ سر بسنت اچي وڃن ٿا. سُر مارئي جو هڪ بيت هنر واري فن جو تمام سهڻو مثال آهي. فرمائي ٿو:

پسيون خاطر پيٽ جي، اڄن پنهوار ٻٽيون
ورڙا ڏين ويڙهين ۾، جينن ڪونئيءَ ڪام پٽيون
سڪ نہ ستا سيجن تي، ونين واهہ پٽيون
رات نصيرا روح ۾، منهنجون اکيون کين پٽيون
اهي پنهوار پٽيون، ٻڌندا ڦٽ فراق جون.

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ شاهه نصير ڪافيءَ جو شهنشاهه شاعر هو. سندس ڪافيون هند سنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول آهن. شاهه نصير جي هيٺ ڏنل ڪافي سهڻي مضمون، اثرانتي انداز بيان ۽ سهڻي سنڌيءَ جو اعليٰ مثال آهي. ان ۾ محبوب جي رمزن غمزن ۽ سڪ محبت کان سواءِ عشق جو اعليٰ شان بيان ڪيو اٿائين. فرمائي ٿو:

ٿلهہ: غمزن سان غلام، ڪيو آ يار اسان کي
ڪنهن کي ڏين مليو، ڪنهن کي دنيا
عشق اصل کان انعام، ڪيو آ يار اسان کي

عجيب جي اکڙين جو مضمون هر شاعر پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي سائين ڀٽائي بادشاهه هجي يا سچل سرمست، بيدل هجي يا بيڪس هر ڪنهن جو پنهنجو رنگ ۽ ڍنگ آهي. مصري شاهه اکين جي جيڪا تعريف ڪئي آهي، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. فرمائي ٿو

کنيـــانون کـَــــلي نيـــڻ کهـــرا گلابـــي
يـــري ٻاجهـــ نرگـــس عجـــب نيـــم خوابـــي

کهرا گلابي ۽ نيم خوابي نيڻ! سبحان الله! پر خيرپور جي ميرن جي هڪ خدمتڪار مينهنِ جي ميهار پيرل ڦلپوٽي پنهنجي هڪ ڪافيءَ ۾ سانورين اکين جي سونهن نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪئي آهي: ان ڪافيءَ جو ٿلهه ملاحظ فرمايو:

ســهـُڻيون اکيـــون تنهنجـــون ســـانوريون
ســـُـرمي بنـــان وتـــن ســي بـــانوريون

پر شاهه نصير جو انداز، نه فقط نيارو آهي، پر ڏاڍو پيارو آهي. ان ۾ سهڻيون تشبيهون ۽ سهڻي ٻولي نظر ايندي. فرمائي ٿو:

وهـــ واهـــ ســڄڻ تنهنجيـــون اکيـــون
اکيـــون رب رکيـــون

ديـــدان دلبـــر تنهنجـــون دنـــاليون
خـــون ڪـرڻُ لئـ پريـــن تـــو پـــاليون
شـــهباز زُري جـــان بکيـــون

دنـــالين کـــان دور ورّهـــن ٽيـــون
منجهـُـون ڏاڍي چوهـ چـُـٽن ٽيون
ســي تـ ٻڻـي اســان ســان ٻکيـون

نيـــڻ نصيـــر قريبـــن قهـــري
ســـٿ ڏيـــن جينـــن باشـــا بحـــري
ولـــن انـــدر جـــون وکيـــون

وهـــ واهـــ ســـڄڻ تنهنجيـــون اکيـــون
اکيـــون رب رکيـــون

مطلب تہ شاھ نصير سنڌي سرائڪي ڪافي جو بلند پايہ شاعر هو. ڪيترائي شاعر سندن ڪلام کان متاثر ٿيا ۽ ڪي سندن طالب ٿيا. سندن سلسلي جا هيٺيان مشهور شاعر ٿي گذريا آهن. موهن فقير (وفات ١٨٠٥ع)[1] رستم لغاري (وفات ١٩٠٠ع) دريا خان ڪلهوڙو (وفات ١٩٢٠ع) ۽ سندس ننڍو ڀاءُ نشان علي فقير (وفات ١٨٨٤ع)[2] خوشيرام سودائي[3]. (جنهن سنہ ١٨٨٠ع ۾ شاھ نصير جي سلسلي جي شاعرن جو ڪلام ڪٺو ڪيو) ۽ موسيٰ فقير. مذڪوره مڙني شاعرن پنهنجي مرشد سائين شاھ نصير جي شان ۾ ڪافيون چيون. هتي موسيٰ فقير جي هڪ سنڌي سرائڪي ڳاڏڙ ڪافي پيش ڪجي ٿي جنهن ۾ هن پنهنجي مرشد سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو آهي:

ٿلهہ: عشق سندو ارباب. نقشبند وچ نوشهري دي
اسان داڪيل هون. تنهن ديري دي

شاھ نصير جنهين دا نالا. بره پڇنيدا بيحد بالا
وڏو تہ آهي جنگ جواب. شاھ علي شهزوري دي

مٺي دي مت اتانهين آهن. صورت سانگي سردي چاون
جنهن دا هي هر تاب. جان جگر وچ جيري دي

هن اڏي تي ڪيني اون. ڪڏ ڪڏ عاشق ڪنڏ ڪپاون
ڪسي تين ڪباب. هتئون مرد مٺيري دي

صدق موسيٰ لک وار اتاهون. محب مٺي مختيار اتاهون
جنهن ختم ڪيتا سڀ حجاب. توجہ نال نکيري دي

---

[1] موهن فقير جو مڪمل ڪلام بنده راقم جي ڪتب خاني ۾ موجود آهي.

[2] دريا خان ۽ نشان علي جو ڪلام فقير هدايت علي نجفي ڪٺ ڪيو هو. اهي ٻئي قلمي ڪتاب راقم سنہ ١٩٦٥ع ۾ مرحوم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي وٽ ڏٺا هئا.

[3] خوشيرام جو بياض ميان غوث محمد گوهر ڪوٽڙي ڪبير واري جي ڪتب خاني ۾ محفوظ آهي.

سنڌي ڪلام

بسم الله الرحمٰن الرحيم

بيت

ڪڏهن آهن آڳ. ڪڏهن وانگر واڄ،
ڪڏهن آب عميق ٿئي، لاهوني ڪنهن لاڪ،
ڪڏهن خالص خاڪ ٿئي. راوت انهيءَ راڪ،
محويت جي ماڳ، بنهه نصير نفي ٿيو

جان جان ڪرين نفي، تان تان ٿو اثبات ٿئي،
ناهه نصير نگاهه ۾، الف بنا ڪو اي،
جت وحدت سندي وي، تتي نفي نه اثبات ڪو.

نانهه منجهان ٿي آنهه، ڏس عبرت آنهه جي،
آنهه منجهان اظهار ٿئي، سندي نانڪ نانهه،
آنهه نصير نانهه، ٻئي محو ٿيا موج ۾.

ڪين ڪٿي وَڃ ڪين ڏي، تون ٻي ٿيءُ ڪي ڪين،
ويندڙ وڃڻ وڃائي رک قلب ۾ ڪي ڪين،
ڪين نصيرا ڪين، ڪين ڪٿي گهڙ ڪين ۾.

نه اڳ نه پوءِ، نه هيٺ نه مٿ،
نه ننهن نصير سان، نه پير نه هٿ،
هي جا وير سندي وٽ، سا قلزم ڪارونيار جي.

جيءَ جثي گهورڻ جا، ڪن ڪاهوڙي ڪيل،
نينهن جا نصير چئي، اهي ناميان وجهن نيل،
تن ساجهر اڄ سويل، سر گهوري صدقو ڪيان.

ويو هنئين ۾ هنڌ ڪري، سندو طلب تير،
بچڻ تن جو بخت تي، ٿيئڙن حال زهير،
نيٽين وهائڻ نير، نصيرا هر حال ۾.

نيٽين ننڊ ڦٽاءِ، جي اٿي آتش عشق جي،
ڇڏي حرص هوا سڀ، پير پرت ۾ پاءِ،
لنؤ لالڻ سان لاءِ، جي اٿي سڌ سڪڻ جي.

صورت سڄڻ جا ٿيا، هائيس هر جا،
پاٿهي اڃي پنهنجو، بره لاتائين برجا،
دوست ڇڏي درجا، آيو نصيرا عام ۾.

اڄا اڄايل عشق ڪي، جاتي آب اڪير،
محبوب منهن سان پياريو، شڪر ۽ شير،
پي پيالو پُر ٿيو، شوقئون شاهه نصير،
شهنشاهه شبير، رنگ حسن ۾ رنگيو.

شل موٽن مَٽي ماڳ، نہ تہ فراقن فاني ڪيو،
دلبر تنهنجي درد جا، هن دل منهنجيءَ تي داغ،
هاڻي ڪاهي اچ تون ڪاڳ، خبر لهي اچ خير جي.

رت جهڙي روج سان، چولي اٿم چِڪ،
نينهن ۾ نصيرُ چوي، نيڻ ٿيا اٿم نِڪ،
هاڻي هر سان هِڪ، ڳالهہ سدا اٿم سُور جي.

نصيرا ناحق ڪري، ويا دلڙي ڏتاري،
موٽائن نہ منٿ سان، ويچاري واري،
محبت تي ماري، ٿا خوش وسن پنهنجي خيال سال.

خوش وتن پنهنجي خيال سان، رهن بي پرواهہ،
اسانکي ڳاري وڌو، هت ڳاراٽي جي ڳالهہ،
نيڻ نصيرا هنڌ ڪندي، سندي عاشقن آهہ،
ڪشش سندي ڪاهہ، شل موٽائي آڻيندي ماڳ تي.

موٽي مٽي ماڳ، نہ تہ فِراقَن فاني ڪيو،
سڄڻ سِڪَ تنهنجي چولي ڪئي آَٿَم چاڪَ،
فنا ڪيس فراق، نہ تہ اڳ نہ هيس اهڙي.

موکلائي ماڳ وئين، جانب تون جاکون،
ڪائڻ ٿئي نہ خوشيءَ جو، طلب تنهنجي تاکون،
چوري وئين چپن سان، چِتَ اندر چاکون،
محبت جون ماکون، ٿيون نهوڙن نصير کي.

آتش عشق فِراق جي، جُھو ٿي ٻاري،
نينهن جو نصير چئي، تو ڳاراٽو ڳاري،
سڄڻ کي ساري، مري ويندس منٽرا.

رکين سڌ سڪڻ جي، ٿو سمهين ساري رات!
تو ۾ آهي ڪانہ ڪا، برهہ سندي بات،
مکر کرين ٿو ماٺهن سان، ڪانهَئي طلب تات،
اِڳتي متان عشق جي، وائي ڪرين وات،
لَنؤ سندي ڪا لات، نہ ٿي نصيرا دل ۾.

سور ٿيا اثر سامهان، ننداپي لاکون،
جيڏيون منهنجي من ۾، ڪيائون اصل اوطاقون،
هينئڙو هَل حسن جي، ڦوڙي ڪيو ڦاکون،
جيئن چوڪ ڏئي چاکون، تيئن دل سورن ساڙي وڌي.

دل سورن ساڙي وڍي، چاڪون جيئان ڏئي چوڪ،
نيڻ نصيرا نار ٿيا، محبت لائي موڪ،
هاڻي ڪپ ڪوڙي وهه نوڪ، آيو نصير اوچتو.

آيو نصير اوچتو، ڪري لال لبيس،
هڪ سڄڻ اڳيئي سهڻو، ويتر ڪيائين ويس،
هاڻي ٿيا هائيس، صورت سڄڻ يار جي.

پڇندي پوٽيدار، ڏينهن گهٽا ويا گذري،
مون سان جي محبوب، تو ڪيا قول قرار،
ڏيئي دلاسو دل کي، ويٺي ڳڻيان وار،
قادر ڪندو ڪينڪي، دل مُنهنجيءَ کان ڌار،
هاڻي نينهن نصيرا نار، وهن ٿا واديون ڪيو.

نصيرا هر حال ۾، نيڻ وهن واديون،
هڪ سورن ساڙي وڌو، ٻيو طلب ڪيون تعديون،
شوقئون ٿين شاديون، جي موٽين تون منهنجا پرين.

صورت تنهنجي سچ، ويم سيني ۾ لڪجي،
تنهن طلب تاراج ڪيو، محبت ٻاريو مچ،
هاڻي هيڏي اچ، ته ماٺهون ڏين مُبارڪون،

هيڪر ويھہ اچي، نوشهري ۾ نصير چوي،
سچ چوان ٿو سهڻا، چاڻج ڳالهہ سچي،
رنگ تنهنجي ۾ رانول، ويو روح رچي،
تنهنجي ڪڏهن ڪچي، ڪنهن سان ڪندس ڪينڪي.

ڪنهن سان ڪندس ڪينڪي، تنهنجي ڪچي ڪا،
ماري ميخ محبت جي، هنيئي جٺي ۾ جا،
سڄڻ تنهنجي سا، چڪائي ٿي چاڪڙا.

پُسيون خاطر پيٽ جي، اچن پنهوار پٽيون،
ورڙا ڏين ويڙهين ۾، جيئن ڪونيءَ ڪام پَٽيون،
سڪ نہ ستا سيجن تي، وٽين واه پَٽيون،
رات نصيرا روح ۾، منهنجون اکيون ڪين پَٽيون،
اهي پنهوار پَٽيون، پڏاند ڦٽ فراق جون.

سُرَ سَسئي

ڪـَـٽي ٻاروچو ٻيلَ، ويا جي وٽـڪَــار ڏيِ،
پئـ پٽيءَ تون تن جي، پهچي ڪرين پيلَ،
ڏولاڪا ڏونگر جا، سـهج صحـيح سيلَ،
ساجهر هلج سويل، متان پير وڃائين پِرجو.

اٿي هاڙهي هل، سـاجهـر سنبـري سـسـئي،
گهڙي ويهـ نـ گهرمِ، پرينءَ ريءَ هڪ پل،
چت رکي چَل، تـ پهچين پنهـونءَ ڄام کي.

ڏينديون ٻاهـ ٻنيور کي، جي پرتيون پنهل سانڻ،
پاهڻ منجهـ پٿون ڪنديون، پرزا پنهنجو پاڻ،
ٻاروچل جو ٻاڻ، ويو هنئين ۾ هنڌ ڪري.

رڙهي راهـن تي، هيءَ نِمـــاڻي نڌر،
ســائين! ســقـيـم کي، اچي ڏي آڌر،
مـران تي مـردارٽي، پنهل ملج ڪنهن پر،
هيـڏا هن مـسـڪينِ تي، ڪجن ڪين ڏمر،
مـوت مـنـا مشـتـاق ڏي، والي ڪري واهر،
مهـڙا ظلم زبر، سـهي ڪين سـقـيم تي.

ويندیس پنيءَ تن، ساعت نہ سري جن ري ،
سرتين سندي صلاح کا، کانہ کنديس کن،
جيءَ منهنجي سان جن، نصيرا ناحق کيو.

ساهيڙيون سرتيون، متيون ڏيو نہ مُئي کي،
ڪاهينديون سي ڪيچ ڏي،جي انهيءَ رنگ رتيون،
جي ڀنهل سان ڀَرتيون. سي ڏينديون باهہ ڀنڀور کي.

ويا جي وٽڪار، ڀاروچو ڀيلهہ ڪٽي،
ويندیس پنيءَ تن جي، چڙي ڪَرءِ ڪار،
ڀليو مون نہ سرتيون، صاحب لڳ ستار،
ٿئي ساهہ جٿي ڪان ڏار، جيتر ڏسان نہ انکي.

جيتر ڏسان نہ ان کي، ٿئي ساهہ جٿي ڪان ڏار،
آريائي نانءُ الله جي، مون ڏي موڙ مهار،
صاحب لڳ ستار، مڃ عرض مسکين جو.

مڃ عرض مسکين جو، مولا لڳ مُحب،
تن من تنهنجي تات آ، مونکي تار طلب،
هاڻي هوت ملچ منجهہ حب، نہ تہ مران ٿي مردار ٿي.

سسئي کي سورن جي، ڪانہ پئي ڪا ڪل،
جو ٻنڌي ٻاروچا ويا، محب مٽيارو مل،
صبح سنيارڻ سان، ڪامي ويڙيس ڪل،
هيس جيءَ جٿيءَ ۾ جل، جانب لئي نصير چئي.

سسئي کي سورن جي ڪل پيئي ڪانہ،
جاڳي نہ جار ڪري، سرت رکيائين سا نہ،
پوءِ راهي ٿي رند سان، محبت جي ميدانَ،
محب ملنديءِ مانَ، ڪاه، نہ موٽ نصير چئي.

سُر جوڳ

جوڳي چئي جوڳي نہ ٿئين، جوڳ نہ ڪمائين،
منجهہ آتش عشق جي، جان نہ جلائين،
ڇو سامي سڏائين، نصيرا نروار ٿي.

جي پائين جوڳي ٿيان، ٻار محبت جومڄُ،
هستيءَ جي حباب جو، پيچ ڪائو ڪَڄُ،
منجهہ رمز رنديءَ جي، اڇي رانول رڄُ،
ڇيريُون پائي شوق جون بيهي ناچو نچ،
سامي توکي سَڄُ، ڪنهن بہ ڇيو ڪڏهين.

جي پانئين جوڳي ٿيان، سڏون سيئي سَٽ،
اينمـــا تولو فـــثم وَجه‌الله، اک آديسي پٽ،
نينهن ۾ نصيـــر چئي، جان جٿـــو تون ڦٽ،
ڏنهن محبت منهن م َ مٽ، تہ وايون ٿين وَصال جون.

عـــشق جو درياه تانگهـــو وهي نـہ سـيـــر،
هل هنئين سان هوت ڏي، سک جو پيچ نہ سير،
سيـــر چٽي سڄڻ توکـــان، چٽي نـہ سيـــر،
اڃا خام نصيـــر، آهين اڳيـــان عـــشق جي.

ديدن جي درياھ جو، تانگهو لنگهہ نـہ سير،
اٽڃاڻ آهين نصيـــر، اڳيـــان عـــاشـــقن جي.

سُر سارنگ

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪـــــــــر ڪارايو،
پري نيڻ نصير چوي، هُيس روئڻ جو رايو،
ســارنگ کي ســعـــيو، ســدا سنڌ وسڻ جو.

مـوٽي لڏيون ملڪ جون، سـارنگ سنيارون،
رعـــد جي رڙين کـــان، ٿين طرحين تنوارون،
پرور جي پارون، ســـاري سنڌ نهـــال ٿي.

أُتا مينهن ملير تي، كيون گاهن گلزاريون،
ڏسي مينگهہ ملهار مون، هنجون ٿي هاريون،
اکيون آتش عشق ۾، پيون وهن ويچاريون،
سانگين کي ساريون، جيءُ جٿو جُهريو پوي.

اڄ اسانجي ڏيهہ تي، ٿيا ککر کارونيار،
بادل برساتيون سٽيون، جيئن سيفن ساڻ شڪار،
موٽي مهر سان لڏي، سائين اسان جي سار،
وڄن وڏا وس کيـــــا، چوطرف چوڏار،
هک طرف هنگاما ٿيا، گاجين جا گجکار،
هاٽي چتا نصيرنار، مينهنِ موکان لائيون.

مُند آئي مينهن جي، ٿيا ککر کارونيار،
سارنگ يار سنيار، موٽي لڏي مينهن جي.

مند آئي مينهن جي، سارنگ کيا سامانَ،
ککر کارونيارٿيا، جهر جهنگ ٿيا گمسانَ،
أُتامينهن ملهار ٿيا، ٿربرٿيا بُستانَ،
رعد بہ ٿي رڙيون کيون، جوش وڏي جولانَ،
محبت جي ميدانَ، سارنگ سوليون ٿي کيون.

منجهہ درد دلدار جي، ٿيا ککر کارا کيس،
ڏسي روئڻ تن جو، ٿيو عالم کي هائيس،

رعد ٻہ ٽي رڙيون ڪيون، ڏنهن پرين جي پرديس،
رت وهائي روڄ ڪان، ڪيا وڄن لال لبيس،
مارنصيرا ميس، هووڻ جي هيڪار تون.

سُر مارئي

من ڪا مهر ڪرين، مون جهڙي مسڪين تي،
پَڪا پَراهان ڪــــٽي، اوراهان اڏين،
گولي مانَ گڏين، نيئي نذر نصير چئي.

اڃا اَٿم آس، تہ ملنديس ماروئڙن کي،
عمـــر! اباڻن جي، طلب وڃي نہ تاس،
پنهوارن کي پياس، منهنجي ڪانهي ماڳ ڏي.

يا ملان ماروئڙن کي، يا وسري وڃي وجود،
جهڙو قيام قعود ٿئي، تهڙو رڪوع سجود،
نصيرا نابود، ٿئي هي خيال خوديءَ جو.

سڪ ۾ سانگيئڙن جي، سڙي ويم سرير،
دل اندر اڏمان ڏيئي، نيٽين وهايا نير،
وسري مور نہ دل تان، بنا موت ملير،
زهر برابر سومرا، ٻانيان ڪنڊون ڪير،
جيءَ اندر اٿم جهير، ميان ماروئڙن جي.

سرُ بسنت

آئي رُت بسنت جي، کيون گلن گلزاريون،
سُڪيون سي سايون ٿيون، وڻن جون ٽاريون،
سهڻي ڪي ساريون، وهن نيڻ نصير چوي.

آئي رت بسنت جي، ٿـــا گلزاريُون ۾ گل،
پـــونئـــرا واس وٺن پيـــا، باغن ۾ بلبل،
هر طرف هنگام ٿـــيـــا، قـــمـــرن جا قلقل،
برسي بوند بهار جي، ڪيا طوطين طرحين تل،
سرمنڊل ۽ سارنگين، ڪيا هر طرف هُل هُل،
طبلن ۽ تنبورن جا، ڪيا منجهان شوق شغل،
مرڏنگ چنگ اپنگ ٿيا، شوق منجهان شامل،
ڪانہ پوي ٻي ڪل، نشي منجهہ نصير چئي.

آئي رت بسنت جي، گلن ڪئي خوشـــبـــوءِ،
بلبل ۽ پـــونئـــر ڦـــرن، خوشي اندر خوءِ،
ڏسي رانول روءِ، ويتر من مـــســـتـــان ڪيو.

آئي رت بسنت جي، گل ڦل ٿـيـا گلزار،
غنچا ڪلي گل ٿـيـا، چمن ۾ چوڌار،
نغمـاسـاز سـرود ڪيـا، بلبلن بسـيـار،
خوشبوءِ جي هٻڪار ٿي، پوئرن جا پُٽڪار،
راڳ رهاٽيون رقص ٿيا، منجهان باغ بهار،
محب آندو ماڳن تي، مالڪ تنهن مختيار،
دلبـر جو ديدار، نصـيـرا نروار ٿـيـو.

آئي رت بنست جي، ٿي سـانول سـرهائي،
نافـرمـان نيـاز ڪيـو، لالڻ لالائي،
رتنجوت رمـز سـان، دلڙي ريجهـائي،
قـرنو، نسـرين،نازبو، جاءِ ڪلي جائي،
چوقـبلو چوُ طرف، ٿي خوشي ڪـيـائي،
وري واڌائي، ملي هِنَ نصـيـر کي.

ڪافي

غَمــزن ســاڻ غُلامُ، ڪَيــو آ يَار اَســان ڪي،
يار اســـــــان ڪي، دوســت اســــــان ڪي،
ڪنهن ڪي دينُ مليــو، ڪنهن ڪي دُنيــا،
عشق اصل ڪان اِنعامُ، ڪيو آ يار اسانڪي،
غمزن ساڻ غلام.

سَنڌَ سَنڌَ ۾ آ، مـــيخ مـــحـــبت جي،
لنؤ لنؤ منجهہ لغامُ، ڪيو آ يار اســانڪي،
غمزن ساڻ غلام.

سڪ تہ نصـــيــر ڪي مـــحب ملڻ جي،
ڪـائڻ پيـئڻ حـرام، ڪيـو آ يار اسـانڪي،
غمزِن ساڻِ غلام.

ڪافي

مارن ريءَ ماندي، ويٺي مان واٽ نهاريان،
وڇڙون درد فراق جي، وٺ نہ آهيان واندي،
گوندرڙينهن گذاريان.
چرخو درد فراق جو، پرت سندي پانڌي،
تون هين تند تنواريان.
ڪوٽن ۾ ميان سومرا! تنهنجي اِرادي آندي،
رويوراهہ نهاريان.
تنهنجي نينهن نصير کي، برهہ ڪيو باندي،
هئہ هئہ هنجون هاريان.

ڪافي

ڪري صورت وارو ويس، پاڻ کي پاڻ ڇپايو ٿي،
ڪاٿي نوڪر ڪاٿي چاڪر، ڪاٿي سڏائين رئيس،
هَرجا حُڪم هلايو ٿي.
ڪهڙي طرح آئين هن جڳ ۾، ڪيئن ڇڏيئہ پنهنجو ديس،
رنگپور ۾ رنگ لايو ٿي.
ڪاٿي آمنا صدقنا ٻولين، ڪٿي سڏائين آديس،
جٽيو تلڪ لڳايو ٿي.
لڪين عبرتان آهن تنهنجون، اِهو نصير هائيس،
آدم نام ڌرايو ٿي.

ڪافي

لاڳاپا ويا لهي لهي، شاهه حسن جي شوق ۾،

بهشت دلاسو، دوزخ ڏڙڪو،
ڪوڙو قبر جو خالي کڙڪو،
ڏَپَ ڏاءَ ويا سڀ ڊهي ڊهي.

دنيا دين ايمان، ڪفر جا،
قبر قيامت هل حَشر جا،
وهم ويا سڀ وهي وهي.

عزرائيل ڪان اڳ هئاسي،
موتو قبلل مَري جياسي،
سير ڪيو سي سهي سَهي.

شاهه نصير ميدان ان ۾،
صوفي واري صاف صحن ۾،
خان ايندا ڪي ڪهي ڪهي.

ڪافي

دلبـــــر جي ديدار، وڌو من مـــــاري،
چشم ڪـٽي چوڌار، ڏنئون هڪواري.

وجهن عشق عشاقن گهٽا، سر منصور جي سهرا سهٽا،
سوريءَ تي سنگسار،سڳن ڪيائون ساري.

اچن اڙٻنگ مست موالي، سورهيہ سيف رکن هٿ خالي،
جنگين جا جهونجهار، وِڙهن پنهنجي واري.

دام جنگيون جت عاشق جوڙن، مرد ميدان ۾ منهن نہ موڙن،
سـڀ ڪـــتن ســـردار، راوت رت هاري.

هردم شوق شهادت شاديون، مِلن عشق مبارڪباديون،
هر هڪ سان اقرار، پرين پنهنجا پاري.

[illegible] غازي گوءِ ڪٽج پري گامان،
نـڪـري ٿي نروار، ســري اختـيــاري.

ڪافي

دوست دلاسو ڏج، يار ملج، نہ تہ هيءَ ماندي مري ٿي،
پنهل پاڙيچيءَ جا، سڏڙا سڻج، ڳالهہ ڳڻج،
رليءَ هيءَ روهہ رڙي ٿي.
هوت اچج هيڪارتون، پنبڙن پير ڌرج، ڪٽي ڪڻج،
توبِن ڪانہ سري ٿي.
سڄڻ منهنجا سپرين، گولي نيئي گڏج، ڪين ڇڏج،
سِرُهي صدق ڪري ٿي.
سٽي سوال نصير جو، مَنجهئون واٽ ورج، نال هيءُ نج،
ٻہ ٽي پير يري ٿي.

ڪافي

ڏولڻ تان قربان، جٿو منهنجو جيئڙو،

چاتيءَ ۾ جڏهن پاتم جهاتي، ”لا“ سندي ات لاتم ڪاتي،

هوش ٿـيم حـيـران، پاتم جڏهن لِيـئـڙو،

هٿئون جام مليم جڏهن ساقي، وسري وجود ويو تڏهن خاڪي،

مئي پي ٿيس مستان، نشي ۾ ڪيئڙو،

پاڻ ڪان جڏهن پاسي ٿياسي، خوف رجا ڪان لنگهي اڳ پياسي،

ناهي منجهه ڏيان، پاجهئون ڪو پيئڙو.

ڳالهيون عشق جون ڪيان مان ڪهڙيون، وحدت ڪثرت پئي ويئڙيون

ناهه نصير گمان، ڇا مان ڇا ٿيئڙو.

ڪافي

پيتم جنهن جام وحدت جو،
وجود ترڪ تنهن ٿيڙو،

دستئون جنهن جام ڏنوساقي، ٿيم تنهن سير آفاقي،
وجي بالله ٿيس باقي، وڃون هن واٽ مون ويئڙو.

نشو ٿيو نينهن جو غالب، يجي يورا ڪيائين قالب،
رهيو مطلوب نا طالب، نظر ۾ نام ڪو پيئڙو.

جنهن سمجهو هي سِرُ سارو، ماري اناالحق سندو نعرو،
وڃايو واه تن وارو، صدق تن تان جٿو جيئڙو.

اُڙهي جنهن "لا" سندي ڪاتي، تنهن ٿيو عشق اثباتي،
رهيو "نا" ذڪرڪو ذاتي، نصيرانام نَفِي ٿيئڙو.

ڪافي

وهہ واهہ سڄڻ تنهنجون اکيون،
اکيون رب رکيون.

ديدان دلبر تنهنجون دُرس دُناليون،
خون ڪرڻ لاءِ پرين تو پاليون،
شهباز زُري جان بکيون،
دنالين ڪان دور وڃهن ٿيون،
منجهئون ڏاڍي ڇوهہ ڇتن ٿيون،
سي تہ ٻئي اسان سان ڀکيون.

ڏاڍو جادو منڊ چلائن،
جڏهن مون ڏي وري واجهائن،
سوين خون ڪرڻ سي سکيون.

نيڻ نصير قرين قهري،
ست ڏين جيئن باشابحري،
وڻن اندر جون وکيون.

ڪافي

ڏس عاشقن جو انصاف، ڏين سر گهوري گهوري،
عاشق سڀ ڪو ناٿو سڏائي، لڇا هڻن ٿا لافَ،
اجان پنڌ اوري اوري.
ڀاھ برھ ۾ ڀرن ٿا عاشق، ٻاھر نہ نڪري ٻافَ،
ڇپائون نہ ڇپ ڇوري ڇوري.
شاھ نصير عاشق اهي سڏجن، سينا جن جا صافَ،
ڏين ڪنڌ ڪوري ڪوري.

ڪافي

جيـڏيون جانب ريءَ ڪيئن جيان جيـان،
ساري سڄڻ مران تہ سون ٿيان.
هڪـڙو سـر سـڄڻ اڳيـان ڇاهي؟
ڏهـ هجن تہ بہ ڏيان ڏيان.
زهر پيـــالو درد فـــراق جو،
دَم دَم توريءَ پيـان پيـان.
جي اچين هـڪ وار اڱڻ مـــون،
آءٌ تــوراڻتي ٿــيان ٿــيان.
نِينهن نصــيرا جهــڄڻ ۽ جهــوري،
ڇڏ هاڻي تون هيـان هيـان.

ڪافي

مـــتي پـول سـيـــاجهـــڙي لات،
ڏي ڪانگ خبر ڪا خير جي.
ڏينهن ســـارو تـــو ڏک ۾ گـــذري،
رئـنـدي ســـاري رات.
منهنجي ملڻ جو پهـــ ڪيـــائون،
وائـــي اهـــا هـــين وات.
بـــس اڪـــين ڪـــي ڪـــين اچي تـــي،
برهـ لائي بـرســـات.
مـــتـــان نـصـيـــر ڪرين دل مـــاندي،
پـريـن ايندا پـريـــات.

ڪافي

هيءَ تہ نماڻي ڪير،
مونکي پرت پرايم پير.
واڻ انهيءَ جي واقف ناهيان،
مونکي سڪ گهمايم سير.
ڪِلندي ڪِلندي دل ڪسي وئين،
عشق ڪيو تہ انڌير.
شاهہ نصير سان رُس مَ راڻا،
زَنگ ڪدي ڇڏ وير.

ڪافي

ڇڏ ڳالهہ شيعن ۽ سُنين جي،
رک حُب حسين، حسن جي.

احمد ڪي جيڪي عبد ٿا چاٽن،
خوءِ ڏسو تن خامن جي.

عرش پٽي پيرن جي آهي،
مير سندي ماٺهن جي.

ٻانهي گولي ساڻ ادب رهہ،
پرتئون پنج تنن جي.

”هو“ ڪي هو حق ٿا چاٽن،
اها ڳالهہ سچي صوفين جي.

عشق نصير جنين احمد جو،
طلب رک تون تن جي.

ڪافي

(پنهنجي والد عبدالحي جي صفت ۽ ساراهہ ۾ چيل)

شـــاهہ نقـــشبندي تون سرِ الاهي،
تنهنجي آهي قـــائم سـيـد بادشـــاهي،
تون صـــاحب ولايت ۽ شــمس ولايت،
تنهنجو تاج تجمل فقربہ نهايت.
تنهنجو شش جهت ۾ وڄي طبل شـــاهي،
توتي مـــصطفيٰ ۽ علي شـــيـــر راضي،
هٽي نينهن نعرو ڪنئي گوءِ غازي.
فــقـــر ۾ تي ظاهر تنهنجي ڪج ڪلاهي،
تون آهين اســان ســـان هر وقت حـــاضـر،
فقر پنهنجي تي آهين پاڻ ناظر.
تنهنجو حــڪم هر جا مـٿي مـرغ مـــاهي،
تنهنجي خاڪِ قـــدم آ تاج ســـر جو،
تفاوت تنهين ۾ ناهي ڪو ترَجو.
ســـپـــاهين جو آهين نصـــيـرا ســـپـــاهي،

ڪافي

هيئن نہ اڳ مون ڄاتو، يار ڪندو وڇڻ جون وايون،
جڏهن لاڪون يار ڍولڻ سان، عشق آٽي مون لاتو،
تڏهن ويو دونهون درد دکايون.
راتيان ڏينهان جيءَ اندر ۾، اٿم هي اوتاتو،
ويا نہ ٻانيڻ سان ٻولايون.
پاسي پيچ پنهل هو مون سان، پرت منجهارون پاتو،
ڏير ڪري ويا ڏاڍايون.
نيٺ نيائيندو يار نصيرا، نينهن سندو هي ناتو،
ورنديون وصال جون وايون.

ڪافي

ڪيھا ڪيھا ناز ڪرين ٿو،
ھيٽيءَ سان ھاٽي.
عين ڪٽي ٿو آھوءَ جيئان،
موھيو تنھنجي ماٽي.
دلبر تنھنجي در تي،
ورھيہ ٿيا اٺم وڪاٽي.
دل ھيئين ۾ ھڪڙو،
سڄڻُ سيياٽي.
جادوگر جادو ڪري،
روح ورتو آ راٽي.
ناھي ننڊ نصير کي،
تنھنجي سور ساماٽي.

ڪافي

مليو محبوب متوالو، جنهن ڪاڻ ڏيهہ ڏورياسي،

اکين سُرمون چپن لالي، آهي ڪين خون ڪان خالي،
سدا اک عشق جي آلي، پرت ڪان ڪين سا پاسي.

عـجم اجمـيـر ايراني، يمن، يونان طهـراني،
مليو سو دل اندر جاني، ناحق پيا ملڪ ماڻياسي.

نصيرا نينهن جو نعرو، سمجهہ تون سِرهي سارو،
مٿئون آيو تنهنجو وارو، ڪر سير سبحاني سي.

ڪافي

تنهنجي سيف ابرو ڪيئي ڪامل ڪُٺا، صنعان ڪُجا، سليمان ڪُجا،

نہ ڪا لذت حسن جي لکڻ ۾ اچي، نڪا چاش برهہ جي چکڻ ۾ اچي،
رڳو سبق سورن جو سکڻ ۾ اچي، زبان ڪُجا، او بيان ڪُجا.

ڪھڙي رمز آدم رضوان ڇڏيو، ڪھڙي شوق عيسيٰ آسمان ڇڏيو،
ڪھڙي غرض يوسف غلطان ڪيو، ڪنعان ڪُجا، زندان ڪُجا.

ڪيئن موسيٰ ويو ڪوه طور مٿي، جاڳيو جوش طبع طور مٿي،
ڪيس ڪربل جو ٿيو ضرور مٿي، شہ مردان ڪُجا، مروان ڪُجا.

ٻڌ ٻوڙا لنڪا ڪيئن لٽي، ڪنيو راوڻ ڪي پنهنجي خواهش ڪٽي،
اتي ديوَن جي ڪا ڏم مٽي، حيوان ڪُجا، انسان ڪُجا.

تنهنجي باغ حسن ۾ بهار سدا، نيبہ نينهن نصير نروارسدا،
وڻيو حسن بازار جو واپار سدا، دُڪان ڪُجا، سامان ڪُجا.

ڪافي

تـــنـــهـــنـــجي زلـــف ڏنـــگـــن جا زور زخم،
نيزا بڙڇيون تفنگ طمنچا، خوبي خلعت خم خم.

سهڻل توتان سئو سئو صدقي، سُوسن سُنبل سرو صنم،
نافرمان نيلوفر نادان، تنهنجي عرق ۾ غرق ٿيو ڪُل قُلزم.

تنهنجي تاب حسن بيتاب ڪيو، آفتاب شتاب ۾ آندو شرم،
نورظهور چڪچورڪيو، هڪ گهورسان چمي قمر قدم.

منهن مـحـراب مـصـلا، ابرو، قـبلو بيت الحرم،
عشق ادا ڪيون نينهن نمازان، فرض دوگانہ رندي رسم.

وه شفتين سندي آشقت، ڪوڙين ڪونين جا پانيان ڪرم،
گل گلزاري عـجب بهـاري، عـشق گـلابي باغ ارم.

ڪيو نينهن نصير ڪي نانگو، سڻ صدا اي ساقيءَ بزم،
حُب اوهان جي هردم آهي، سيني اندر سا گرم گرم.

ڪافي

ڏينهن تيا تم گهٽان،

خَان ٻارو چي لئي.

دلڙي دلبر يار لٽي ويو،
ڦري هٽي ويم ڪٽان ڪٽان.

مون جهڙيون هت لکين هزارين،
آءٌ ويچاري شل وٽان وٽان.

بار بره جو بيحد بائي،
ساڻ خوشيءَ سر ڪٽان ڪٽان.

سڪ نصير سڄڻ جي هردم،
هئه هئه ڪيون هت هٽان هٽان.

ڪافي

جنهن سان جيءَ جي جڙ، منهنجو ڀلي آيو ڀينر

ڪيچئون ڪوهيارو وريو،
ڪري وِلهيءَ تي وڙ،
رڙيس چام پنهل لَئي،
ڏونگر منجهه ڏڙه ڏڙه،
باسيم بار پنهل لَئي،
پيراٽيون ءِ پڙ،
نيبهه يار نصير ڪيو،
لڳي آهيان جنهن جي لَڙه.

ڪافي

مـــوُتوا قـــبل جي ســـمـــجهي مـــام،
عاشقن سر آڙاهہ اڙايا.

وره جنکي ورتو ويڙهي، نينهن لڳو تن نامين نيڙي،
ڇوهہ حسن جي نيا ڇيڙي، نفي ڪيو تن نرتئون نام،
انا الحق جا ٻول ٻولايا.

بانڪا ڪيڏن بره جي بازي، گوءِ ڪٽن کي گهنور غازي،
هر رضـا ۾ رهن سي راضي، وره وڪوڙيا وِير وريام،
خوشي سان تن ڪنڌ ڪپايا.

باهہ بره ۾ جسم جلائن، عبديت کان پاڻ ڇڏائن،
احديت جو طبل وڄائن، ڪيي لاهوتي "لا" جي لام،
گهير عشق جي عاشق آيا.

نسنگ نصير نينهن نڀائن، قلزم ڪارونڀار ۾ ڪاهن،
لاڳاپا سڀ لوڪ جا لاهن، آدوتِين مليو عشق انعام،
جيئري مري ميدان ملهايا.

ڪافي

هن عشق جي آتش کي ڏاڍو تيک تاب آهي،
نالوڳنهي جو نينهن جو، تنهن کي ڇڏي جلائي.

ڇانو عشق جو ڇتي ٿو، شريعت کان مُنهن مٽي ٿو،
سر جي دعويٰ سٽي ٿو، ايندو ضرور ڦاهي.

گورا ۽ تُرڪ غازي، توڙي هُجن نمازي،
ڪرائي ٿو عشق آزي، سپه سالار ڇاهي.

اهڙوئي عشق آهي، قاضي ملان ڀلائي،
در در ڳلي نچائي، بيٺو حجاب لاهي.

نصيرا ٿيءُ نانگو، پائي ڳِلا جو ڳهانگو،
لانگهو اٿي اڙانگو، سر ڏي ته سوي آهي.

ڪافي

ڳالھہ ڪيان مان ڪيھي، سڄڻ سورن جي

درد فراق منھنجي جون خبران،
ٻـڌ ٻـاروچل تـون ويـھـي.

نرت نظر ڪرپاڻ ئي پيـارا،
آءُ جيـــھي آھيـــان تيــھي.

قرب سيڄاڻي پنھنجو پِرتئون،
آءُ پڪي منھنجي پيـــھي.

عشق جو اوکو پنڌ نصيرا،
نـينھن نباھن نيـــھي.

ڪافي

حـــيــران ڪَيـــئي، حـــيـــران ڪيـــئي،
هن حيرت ۾ حيران ڪيئي.

ساڻ تلوار عطار مارايئي، زڪريا سر ڪرت چيرايئي،
ڪهڙا ڪم برهان کي ڪَرايئي، نينهن سندو نيشان ڪيئي.

رانجهن تخت هزار ڇڏايئي، مُلڪ منجهـان مـورُ لوڏايئي،
جهنگ سيال جو چاڪ چوايئي، هير مٿس حيران ڪيئي.

شاھ منصور کي سوليءَ چڙهايئي، شمس الحق جي کل ڪلايئي،
بُلا شاھ کي قتل ڪرايئي، عشق مٿس عريان ڪرايئي.

شاھ عنايت فقر ۾ فاني، ڪُسي ٽيڙو ڪامل قرباني،
هُيَڙو شـاھ حـلاج جو ثاني، بره مـٿس باران ڪيـئي.

ڪر اعتـبـارنصير اِهوئي، سهـٽوآهي رنگ سيوئي،
لاهِ خيال دوئيءَ جا ڏوئي، فـرمـودو فرمـان ڪيـئي.

ڪافي

اَول نَفي ڪَر نام، پوءِ اِثبات ڪَر اَلله ڪي،

اَصلؤن هُيس رايو اِهو، ڪيائين بناءُ ڪايو اِهو،
ڪايي ۾ خود آيو اهو، جي تون سڃاڻين ساهہ ڪي.

تي جسم ڪان بيزار تون، ڪَر ڏڙ سِڀيءَ ڪان ڏار تون،
ساڳيو آهين سَردار تون، ڏس هر طرف هَمراه ڪي.

وحدت منجهان ڪثرت ڏسو، شَہ حسن جي حيرت ڏسو،
واه عشق جي عبرت ڏسو، هن دل سندي درياهہ ڪي.

پنهنجو نصيرا ترڪ ڪر، هستي هِئڻ سڀ غرَق ڪَر،
تنهن ۾ نہ تِرَ جو فرق ڪَر، ڏِس فثم وجه الله ڪي.

ڪافي

ويئي دانش دَردمندن ڪان،
مَئي جو پيتائون مٽ.
وحدت جي درياه ۾،
ڪفرايمان پئي چٽ.
هَڻ نَعرو آناالحق جو،
گوءِ غازي تي ڪَٽ.
اندر ٻاهر اسم جسم سان،
گڏ گذارڻ گهٽ.
نينهن نصير اسانجو اعليٰ،
قلب تان لاهي ڪَٽ.

ڪافي

سڪندڙي ٿيڙم سال، نانءُ ڏٺي جي ڪرڪا ملڻ جي،

يارموهن ريءَ وي ميان! مرڻ موچارو آلو الو،
جيـــــــئڻ آهـي جنجال.

هي سر صدقي وجي ميان! يار پنهنجي تان آلو الو،
ڳـــهـــوريان مـــڏيون مـــال.

ناد نَفيلان وي ميان! آهن اندر ۾ آلو الو،
دردن لائـي ڏمــــــــال.

شاهه نصير ڪي وي ميان! عشق ملڻ جو آلو الو،
وهنـدي ڪَرڪو وصــــــال.

ڪافي

مـــــحـــــبت چاڪ چَوايـو،
منهنجي سر جو آ سائين.
چشم ڪـــٽڻ ســـان چور ڪري دل،
ويتــر ونجهلي وڃايو.
مَن اســـانجو مـــست ڪيـــائين،
گهور ڀهرينءَ سان گهايو.
هِن جوڳيـــــئـــــڙي مَن منهنجي ڪي،
مُرليءَ ســـاڻ مَجايو.
ســـانگي اســـانجي يار اســـان وَٽ،
ٻيلي ٿي تہ ٻـولايو.
تخت هزاري جو مـــالڪ ســـائين،
نينهن نصـــير نوايو.

ڪاني

محصول ٽيئڙو معاف، سون مياٽيءَ تان سارو،

سولو راھ ني وي ميان! ٻچن کي شال جيوين،
ڪوڙن کي ڪوه ڪاف.

ڇام ڇلي آيوني وي ميان!، گھر گندرين شال جيوين،
مونکي آ قسم مصاف*.

ڇام سڄاڻي ني وي ميان! نوري نماڻي شال جيوين،
تَھـــدل ڪيـــو طواف.

شاھ نصير ني وي ميان! سڀ ڪنهن سان شال جيوين،
صلح رکي ٿي صـــاف.

---

* مصحف

ڪافي

اڪڙين جي آئي آنڪي، جنهن پهرين نظر نہ گهٽڪي،
جهٽ پٽ چشمـــــان چاڪ ڪرن دل،
چيـــٽڪ لائي چٽـــڪي.
ڪاريهـــــر جيـــــان آچن أمـــــالڪ،
ڪَري قهـر مان ڪٽڪي.
دل لـٽي ويو دلبـــــر ســـــائين،
ڳالهـــ ڪري ڪا ڳٽـــڪي.
جان جسـم تـاراج ڪيـــــــائين،
ڏس لبن تـي لٽـــــــڪي.
ڪڏهن رهنديس ڪين ســـهيليـــون،
هاٽي هرگـــــز هٽـــــڪي.
جيـــــڏيون جبل ڪندو چا تنهنڪي،
جيڪا سورن جي سٽڪي.
دل نصـــــيـــر ملڻ لئي مـــــاندي،
جنهن سان چشمن چٽڪي.

ڪافي

مست اکيون متوالڙيون، قتل ڪري دل ڪن ٿيون ڪَبابُ

ترس نہ تن کي ڪنهن جو ڪوئي،
اصل انهن جو ڪم اهوئي،
ماري ڏين پوءِ عشق عتاب.
بکيون وتن ٿيون بازن وانگي،
طمع تي اچن طلب سان تانگهي،
شوخيءَ ۾ئي شوخ شتاب.
عاشقن کي نت وتن وڪوڙيون،
نينهن جي نيزن ساڻ نهوڙيون،
ڏاڍو پڙهايائون برهہ جو باب.
ناز منجهان جڏهن نيڻ کڻي ٿو،
دل کي دلبر واه وٺي ٿو،
سجدو ڪرڻ آ تنهن کي ثواب.
ڪيفي نيڻ نصير خماري،
وتن شوق منجهہ شڪاري،
ترت رکن آٽي ڏاڍو تاب.

ڪافي

تن مارن ڪاڻ عمر! روز نهاريان راهون،
من کو خاطي خبر آئي عمر اوڏاهون.

دردمنديءَ جي دل ۾ آئم اميدون آيان،
آءُ ڪڏهن ويڙهيچن ڏي وڃان.
سڻ تون سومرا دردمنديءَ جون دانهون،
ويڙهيچن کان ويئي هيءَ ويچاري وسري.
پوئواري ڪير ڪندو هن نذر جي نسري،
هئي هاڻ ويون ويتر سڀ واهون.
اتم اميدون مارو شل مون سان ملندا،
ويندا سورلهي هو خوش ٿي ڪِلندا.
دکيءَ دل جون سٽي الله مانَ آهون،
قادر قرب ڪندو مارو مون وٽ ايندا.
نيٺ نصيرا هي نمائي نيندا،
هٿ ڇوري ڇني ڇپرين ڇڏيندا ڇاهون.

ڪافي

تن مــارن لئي عــمـــر لحظي لچان،
ملڪ مليــرون من پهــچي ڪو پانڌي،
گــوندر غم ڇڏي هيــڪر ٿيان هيــڪاندي،
هڪ هڪ خبـــر پنهـــوارن جي پڇان.

سڪ ســاهيــڙين جي ســوزمنجهــ سڙان،
ڳجهــ انــدر ۾ راتيـــان ڏيهـــان رڙان،
حاڪم تنهنجي هيبت ڪان ظاهر ڪين ڪُڇان.

پلنگ پٿرڙيون ڪهــ پيون وٽن پيون واريون،
راتيـــان ڏينهن رئان ســانگين ڪي ســاريون،
تنهنجي مـــحلن ڪـــان لڳي باهــ ٻُچان.

دم دم دل ۾ پور پنهــــــوارن جا پون،
اڏمـــان ڏئي اڪـــيون رت ٿـــيون روز رئن،
نينهن نصـــــيــرا لايون برهــ ٻَچان.

ڪافي

صورت تنهنجي سوائي آ ، عين تنهنجن اڇائي آ،
رمزن تنهنجن روح کي ريهيو، محبت تنهنجيءَ من کي موهيو،
گهور تنهنجيءَ آهي دل کي گهويو، الفت تنهنجي اٽائي آ.

ياد پوين تون هردم جاني، تو مڻ پايان ڪونہ ٻيو ثاني،
رهندو باقي نام نشاني، هي سڀ جڳ هوائي آ.

محبت تنهنجي من ۾ سمايم، باھ برھ جي جيءَ ۾ ٻاريم،
نينهن نقارو سرتي چايم، اصلئون برسر آئي آ.

بحر بره جو ڏاڍو ڀاري، جنهن جي پيدا ناه ڪناري،
تار تون ڪاڍي تاري، تو ۾ ڪاڻ نہ ڪائي آ.

شوق اوهانجو آهي جاني، يار پسايو پاڪ پيشاني،
دلڙي نصير جي ڪيو ديواني، قسمت قيد ڪرائي آ.

ڪافي

شبروزمونکي شوق آ تنهنجي ظهور جو،
تجلي پسان هڪ تار ۾، جاتي تماشو آ طور جو.

ڪر شمع تنهنجا ڪهن ٿا، هوت هينئڙي ۾ هزار،
هميشه حيرت ۾ پئي، ويو حوصلو هر حور جو.

ساراهه صِفت تنهنجي ڪجي، سيدا صحيح تنهنجي،
ماڻهو پڙهن جِن وَ ملڪ، مصحف تنهنجي مَذڪُور جو.

زلف تنهنجي ناز جا، دم هوش بي هشيار جا،
مَس ملن مشهور ڪيو، سر سوريءَ تي منظور جو.

ناگه نظر جنهن تي پيو، سو هوش پئي طرف ويو،
وري حشر ۾ حوصلو، مس انهيءَ مذڪور جو.

طٰه تنهنجي تعريف جا، اهي آهن جوڙيا تو جبار،
توريت ۽ انجيل هو، ذِڪر هو زبور جو.

ناز نرگس جا پسي، نيازسان آيو نصير،
سو گل وري پيو ڪيئن پسي، جو گهايل اوهانجي گهور جو.

ڪافي

دِيدن دلڙي دَڀائي آ، چشـــمن تنهنجن چائي آ،
عين تنهنجن عشق ڪمـايو، پنبڻين تنهنجن پاند اڙايو،
زلـفـن ڏاڍو زور هلايـو، نِيـنـهـن اوهاجي نـوائي آ.

درد تنهنجي ۾ ڪيئي ديوانا، سر ڏئي ٿيا مست مستانا،
سي ڄاڻن برهہ جا بانا، ٻئي ڪنهن ڪل نہ ڪائي آ.

ابرو تنهنجا قوس ڪمانا، مارن تير ڪيچي تفيانا،
جيءَ ۾ آهن جن جا نشانا، برهہ تنهنجي جي پلائي آ.

نوڪر اوهانجو نصيرنماڻو، در تنهنجي تي آهي وڪاڻو،
محب نہ ڪر تون مونسان ماڻو، پلن سـي پلائي آ.

مرثيو

(١)

لا فتيٰ جبرئيل چيو جنهنجي شجاعت شان ۾
اِنما آيت ٿي نازل جنهنجي حق فرقان ۾
سو حُسين ابن علي آيو هلي ميدان ۾
جنگ جي ميدان ۾ ۽ سر ڏيڻ سامان ۾

ظلمتِ کرب و بلا ز حسنِ شاه شد روشن چو ماه
شد ز غم اهل حرم را روز مثلِ شب سياه

•

(٢)

اِن مِن جنات نهرين تن تي پاڻي بند ٿيو
صاحبِ لولاک جي ڏهتن تي کوفين کوس کيو
اهلبيتن جي ٿيو اڄ کان ساه هئو برلب رسيو
ري محمد مصطفيٰ صلعم وارث هو تن جو کونہ پيو

آه دلهاي يتيمان شد ز بي آبي کباب
غير آبِ ديده خود ديگر نمي ديدند آب

(٣)

جڏهن روانو جنگ جي ميدان ڏي ٿيو پنهنجي سر
موکلائي سڀ عيال اطفال کان ويو پنهنجي سر
تڏهن نکو ساٿي نہ سنگتي هيکلو هو پنهنجي سر
۽ ورائي ذوالجناح کي رڻ ڏي شه کيو پنهنجي سر

اوچتو آواز ان کي طرف خيمي جي رسيو
يا حسين ابن علي! اصغر کي اڄ بيتاب کيو

(۴)

ڇا عمر پٽ سعد جي کي هوئي وسعت ڇا مجال
جو اچي مولا علي جي آل تي ڪاري قتال
پر هي اڇلائڻ هو سر جو منجهه بلا جذب و جلال

. . . .

هاءِ جو مظهر هو حق جو، سو وڃي حق کي رسيو
۽ جو قالب خاص تنهنجو سجده گاهِ عام ٿيو

(۵)

واءِ جڏهن خيمي طرف آيو هو صاحب اِنس و جان
جان ڏسي اصغر تہ پيو آهہ اڄ ۾ بي تاب و توان
تڏهن چيائين اصغر ابا ڪيو اڄ توکي نيم جان
هاڻي هل مون سان تہ پاڻي حوض ڪوثر پياريان
تڏهن ڪڻي هنج ۾ علي اصغر هليو حضرت امام
۽ عمر پٽ سعد سان ٿيو بالمشافہ هم ڪلام

(٦)

چيائين عمر ڇا ظلم هي ڇا وير، ڇا بيداد آهہ
هاشمين جو خانہ ويران ۽ اوهين آباد آهہ
ڏس نظر ڪر خيمي طرف ڇا نالہ و فرياد آهہ
اڄ اوهان ڪوفين ڪتن کان مصطفيٰ ﷺ ناشاد آهہ
واءِ ڪلمون جنهن تي ڇٽي تنهنجو عيال اطفال هي
اڄ ڪان هي دشتِ بلا ۾ نالہ و زاريون ڪري

(٧)

هي ٻڌي ڪوفي جو لشڪر تير اڇلڻ ٿيو سيو
ناگهاني تير هڪ اچي حلقِ اصغر تي لڳو
اوچتو اولادِ احمد ﷺ تي اچي ڪو ڪوس پيو
غير زين العابدين جيڪو هو سو رڻ ۾ ڪُٺو
وير هرگز ڪون هو پر عشق جو امداد هو
